# س.ا.س سٽِي سکر ڊاٽ ڪام

## www.sascitysukkur.com

# ڪلهي پاتم ڪينرو

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com




**WEBSITE:** www.sascitysukkur.com
**E-MAIL :** abdullateefansari@yahoo.com

# فهرست


❊ پهريون پنو (ٽائيٽل)

❊ ٻَ لفظَ

❊ مهاڳ (شيخ اياز)

❊ بيت

❊ دوها

❊ گيت

❊ غزل

❊ وايون

# پہ لفظ

## دوستو !

اداري ، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستيءَ پاران جڳ مشهور سنڌ جي عظيم شاعر محترم شيخ اياز جو چوٿون ڪتاب، ”ڪُلهي پاتم ڪينرو“ پبلش ٿي اوهان جي برقي پردي جي آڏو پيش ٿي چُڪو آهي.

دوستو !

اداري جو اهو ئي مقصد آهي تہ اوهان دوستن جي پڙهڻ جي معيار کي ڏسندي اسين اوهان لاءِ عظيم سنڌي ادب پيش ڪريون جيئن اوهان پنهنجي دؤر ۽ اڳ جي دؤر جي عظيم ۽ ڪلاسيڪل ادب کان روشناس ٿي معاشري جي لاءِ سگهارا فرد بڻجي سگهو. هن ڪوشش کان پوءِ محترم شيخ اياز جا ٿي ٻيا ڪتاب بہ ڪمپوزنگ هيٺ آهن، جن کي بہ جلد ئي اوهان جي ڊجيٽل اسڪرين جي آڏو آندو ويندو.

اسان کي اميد آهي تہ اوهان، اداري جي هن ڪوشش کي تمام گهڻو پسند ڪندؤ ۽ پنهنجي قيمتي راءِ سان اسان کي نوازيندؤ. جيئن اسان اوهان ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي بهتر نموني خدمت ڪري سگهون.

مهرباني

اوهان جي مشوري جو منتظر
عبداللطيف انصاري
شمس آباد سکر سنڌ
فون : 0333.7146119
اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com



WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# سُهاڳ

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# مهاڳ

ــ جي سماج کان فرار ممڪن آهي، ته اهو انهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن مان ارٿ جي پرورش ٿئي ٿي. گوگيءَ ۾ ماياڪو وسيڪيءَ * جو فرار آپ ـ گهات جا ٻه مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اهو آهي، جو مون چونڊيو آهي، پنهنجي ويساهه جي چند چاڻ ڪري، بنيادي ڳالهيون ڳولهي لهان، هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهه کي ٺڏي ڇڏيان ۽ پنهنجي ڳالهه تي اٽل ٿي بيهان ۽ ان لاءِ مونکي جيڪي به سهڻو پوي ، اهو سهان.

هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي.

تاريخ گواهه آهي ته ڪڏهن به جبر و ستم ۽ رسم و رواج جي ماٺي پاٽيءَ زندگي پيدا نه ڪئي آهي. هر دور ۾ اهڙي انسان جي ضرورت آهي، جو ان ۾ پٿر اجلائي، ولوڙا پيدا ڪري. زندگيءَ جو مدار هميشه انهيءَ تحرُڪ تي آهي، جو هڪ انوکو اڙٻنگ انسان پيدا ڪري ٿو. انهيءَ زندگيءَ جي واسطي هر قوم کي ڪي جوکا ڪٽڻا آهين ۽ ان کي ڪفر ۽ بغاوت کي ڪجهه جاءِ ڏيڻي آهي. جي ان کي زندهه رهڻو آهي، ته ان کي اهو جوکو ضرور کڻڻو آهي.

ــــ هر برٽ ريڊ
( ” شاعري ڻ انارڪزم“)

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

- **پال گوگي** : مغربي مصور، جنهن کي مغربي سرمائيدارانه تهذيب سان بي انتها نفرت، پونوچ سمند تي هڪ فرينچ ڪالونيءَ تهتيءَ ۾ وڃي وئي ، جتي هن تهذيب کان پري ياقي زندگي گذاري ۽ زندهه جاويد نقش تخليق ڪيا.

ماياڪوسڪي ـ روس جي انقلاب جو عظيم شاعر جنهن انقلاب کان پوءِ سياسي ۽ سماجي فضا ناسازگاريءَ سبب خودڪشي ڪئي.

” اڄ وچ ختم ٿي........
مان اڪيلو بيٺو آهيان.....
هي جيون کيتو نه ڪٺن ۽ منهنجو پٽرائون رستو ڪيترو نه لمبو آهي! “
( روسي شاعر، پاسترنڪ )

” مان انهيءَ ساراهه جو مستحق نه آهيان،
سچ پچ، منهنجا دوست، منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو.
جڏهن تون منهنجيءَ سچائيءَ جي ساراهه ڪرين ٿو.
مان انسان وانگر رهان ٿو نه چيتي وانگر،
منهنجي ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي.
اعتبار ڪر ته مان خوف زده آهيان! مان خوف زده آهيان!
ها ، پر ـــ
مون کي موت کان به وڌيڪ خود فريبيءَ ذلت جي زندگيءَ کا خوف ٿئي ٿو.“

( هنگريءَ جو شاعر، زولتن زيلڪ )

تون ٽڪر جي ٽانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهين، مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ مئہ آڇيان ٿو. تون منهنجيءَ مئہ کان ڇرڪين ٿو، ڇو تہ تون انهيءَ بيٺل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هري ويو آهين. توکي اهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي ملي ٿو، تنهنڪري تون اها تڪليف بہ نہ ٿو وٺين تہ تون اهو شفاف جهرڻو ڳولي لهين، جنهن جي پرتان تنهنجا وڏا ڪجهہ صديون اڳ لڏي آيا هئا، مون انهيءَ ساڳي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگور جون وليون پوکي، انهن جي ميوي جي سر مان هيءَ مئہ جوڙي آهي. تون انهيءَ مان ڇڪي ڇڪي ڏس. شايد اها تو کي امر ڪري ڇڏي.....

# شيخ اياز

# ٻيت

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪنهن جي لاءِ ڪماچ ، صديون رهيو سانت ۾،
سارو ڏيهه ڏياچ، مڱڻو ڳوليو ماڻهو.

آڌيءَ رات اداس، ان تي آرتيون آڱريون،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ماس، ڪوري آيو ڪينرو.

ساڳي ساجهه آڱريون، ساڳي ساجهه ساز،
مان، منهنجو آواز ڪنهنجون تو ڪارون ڪاري.

نڪتا تنهنجي تند مان، ٻهه ٻهه ڪري ٻاڻ،
جر آ تنهنجي ڄاڻ جي، سازن منجهه سڄاڻ،
آئي تو اهڃاڻ، کهڙا کهڙا ڪينرو.

چانئٺ چانئٺ چنگ، چوريم چوڏهينءَ رات جو،
لوڻيون ڪيئي لوڪ جون، نڪتيون اوڙهي ننگ،
چي،”هي ٽيندو ڪير آ اڻ ڪوٺيو اڙٻنگ“،
ڏاهپ ڏاهپ ڏنگ، پهتو جنهنجي ذات مان.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڳائيندي وچ ڏڳ، جهمريون هنيون جندڙيءَ
هڪڙي هٿ ۾ ڪينرو ، ٻي هٿ تنهنجي چڳ،
ماٿهوءَ جا مارڳ، ڪنهن ڪنهن ۾ ڪيئن تو لڄين.

تو جا سمجهي سٽ ، سا آهي ڪاتيءَ ڪوٽ،
ڳائي ڳائي ڳوٽ ، ڪهندو ويو ڪينرو.

تو جا سمجهي سٽ، سا آهي وائيءَ وڍُ،
گهارا وجهي گهاوَ سان، ڏاري ڏاڍي ڏڍُ،
هيٺا هانو نہ ڪڍُ ، ان مان پنهنجو اسرو.

تو جا سمجهي سٽ، سا آڳ اٿئي انمول،
جنهن جي سوچ سماج کي،ڪري رکَ رتول،
ٻارڻ ٻاري ٻول، جرڪائي تو جندڙيون.

تو جاسمجهي سٽ، سا پڙڪي تہ پونچال،
ڊاهي هٽي ڊير ۾ سارو خام خيال،
پٽ مٿان پامال، ڪري ڪنگرا ڪوڙ جا.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

تو جا سمجهي ست ، سا اڄ تائين اتهاس،
جنهن ۾ ڪر موڙي اٿيو، ڪوي ڪاليداس،
آيو جنهن جي اوٽ مان، ودياپتي واس،
ڀٽائيءَ جي ڀٽ تي، جنهن جو نينهن - نواس،
جنهن ۾ منهنجو ماس، ڪوري آيو ڪينرو.

تو جا سمجي ست ، سا سپنن جو سنسار،
آٽي بوءِ بسنت جي ، هنئين وجهي هار،
جوڙي سو جنسار، جنهن ۾ موت مري وڃي.

آءُ ڀٽائي آءُ، تنهنجي ڪهه منهنجو اڪيون،
ڏس مون تنهنجو ڪينرو، پوريو ناهه پاءُ،
ساڳيو جوڳ جڙاءُ ، ساڳيا سڏڙا ساز جا.

آهيان آءُ اسات، تنهنجي مڌ جي او ميان،
تون، سا ڪوءِ ڪلال جي،جنهن مان منهنجي واٽ،
توکان ٻاهر ٻاٽ، تو تائين آ سوجهرو.

آندي مون سا اوت، جيڪا تنهنجي جام ۾،
ماري ناهي موت، جنهن جي ڇر جنهن جي ڇيي.

اڄ ۾ هيس شاهه، شل مونکي سمجهي سگهين،
سنڌڙي تنهنجو ساهه، جرڪيو منهنجي جيءَ ۾.

چئہ تون مونکان پوءِ، ڪنهنجو ٿيندين ڪينرا،
واڪا ڪندي ووءِ، صديون تو لئہ سنڌڙي.

چنگ ڪٽي چوڪٽ، رڱي ڪير رتول جي،
سنڌڙيءَ، او سورٺ! ٻيجل سڀ ٻجهي ويا.

سگهہ ڏي اهڙي سچَ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٽئي ڳچ، تہ بہ چوان جو چوٽو هجي.

ڇڪيءَ ساڻ ڇني ، ڪڙيون تنهنجي ڪوٽ جون،
چڙهي پوري چوٽ تي، ڏنم ٻيج ٻني،
مونکي ڏات ڏني، اهڙي سگهہ سوير ۾.

مون وٽ ٻيو ڪجهه ڪين، آهي اڄ ان ڪان سوا،
هان، هيءَ منهنجي بين، جرڪي ٿي جنهن مان ڄيي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

روئي پئي رَتُ، سڏڪا پري سنڌڙي،
وهه ٿي لڳو وات ۾، پينر مونکي پَٽُ،
هي پورو پربت، آخر ڪيئن پٿون ٿئي.

ڪنڌيءَ مٿان ڪنڌ، نائي رنو ناڪئو،
سائين! تو سڳنڌ، ڪشتيون سڀ ڪاڏي ويون.

ڪنهنجي ڪشتيءَ ڪاڻ، واجهائين ٿو، ويسرا!
ڪوبہ نہ ايندو هاڻ، مانجهي سڀ مري ويا.

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو ميندرو؟
پڇان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏئي ڪو سنڌ ۾.

آيل هاريان آنءُ، هنجون ڪنهن جي هنج ۾،
دکي سارو ديس آ، هر ڪنهن هيٺو هانءُ ،

جنهن کي ڏڌُ نہ ڏانءُ، سا ڪيئن ڪاٽي ڏينهنڙا.
ماٺهوءَ منجه مرون، اڳي ڪان اڳرو ٿيو،
چاتيءَ چاتيءَ چپ آ، ٿيو پيار پٿون،
چارڻ اڄان تون، چورين پيو چنگ کي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ماڙهوءَ ماڙهوءَ ميڙُ ڇڙي پيو ڇت مانُ،
پڙڪي پيو پِت مانُ، واڇوڙي جو ويڙ،
ڪُڙِيا ۾ تون ڪيڙ، جرڪائين ٿو جوت ڪي.

ڪوڙي ڪچ تي سنڌڙي، هنيون نہ هرڪاءِ،
مٽئي - موهي ماڻڪي! هاڻي ٻہ پڇتاءِ،
ليلان ٿي ليلاءِ، تہ سگهو پائين پيار ڪي.

ووڙيندي وَٽُ، ووءِ، هاڻي پير پنهونءَ جا،
وهاڻيءَ ويا، ويسري! پتو ڪونہ پيوءِ،
شال ليئي لوءِ، آريءَ ڪي اوڏي ٿئين.

اوري اچ تہ اگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳل جا،
ڪيڏا ويل وهي ويا تنهنجي ٻچڙن سان،
ڏرتي، ماءُ! متان پٽي پاراتو ڏئين!

ڏاندي ڪپيئہ ڏار مان، يا تو ڪپي ٻانهن،
ڏرتي ڏرتي دانهن، جنهن جي پيڙا مان پڳي.

هاءِ ٻواني ٻونءِ ۾ روڪي ڪو رَتُ چاڻُ،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ساڻ، ڪيڏا ڪيس ڪري چڪو!

موتي ملندؤ شال، منهنجا سرتا سنگيو!
ميڙو ڪندؤ ماڳ تي، اوريندؤ احوالَ،
جيءَ سوين جنجال، سڪ اهائي ساهه ۾.

وڃو نه ويراڳيو، هٿ ٻه ٽيندو سوجهرو،
منهنجو جيءُ جڏو الا، تنهن سان ساٿُ ڏيو،
اڄهو ڏينهن ٽيو ، ڪيسين رهندي راتڙي.

ڪاڏي هليو ڪاپڙي، ههڙي ڪاڪ ڇڏي،
وهاڻيءَ جو ٽا وڃو، ڪهڙي لوءِ لڏي،
آڏيءَ رات اڏي، اوڏا منهنجي پڪڙا!

ڪڏهن ايندين ڪانگ، ڪٽي ڪانگون قرب جون،
سٿبا ڪڏهن سانگ، ماروئڙن جي ميڙ جا.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

آءُ ڪنياتا آءُ ڏي ڪا سُڌ ساٽيھ جي،
ڪوئي واءُ سُٽاءُ سانگين جي سرچاوَ جو.

آڌيءَ رات اروڙ تڏو ساھ يري چيو،
مورک ھاٽي موڙ پنتي واڳ وجود جي.

شال وسين او سنڌڙي، تنھنجا ڪيت وسن،
واھوندي جي واءُ ۾ مارو شال ملن،
جن جي ڪوٽ ڪڙن، جھوريو منھنجي جيءَ کي.

شال وسن ھي ڪيت، جت ڪلٽيون ڪيڪارين،
پانڌيئڙن ڪي پياس ۾ پاٽي پيئارين،
جيءَ کي جيئارين، جت اربيليون اوت سان.

وِڄَ ورٽيون، من مھٽيون، ڪنوٽيون جن جا ڪيت،
مون تي پانيون بيت، آھن پوريون آيتون.

جھوڙا، جھائين، جھومڪيون، ڪلٽا ماٽھو، ڪيت،
ساري بر ۾ بيت، چارڻ چونديندو رھيو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

تون تو چوندين ڪک، مان اڏران آڪاس ۾
تون ڇا ڄاڻين آھي ڇا، لونءَ لونءَ منھنجي لَڪَ،
پويانڙِيءَ جا پک، آڪيري - اوڻائتا!

مسجد مندر رک، رکوالا ان رک جا،
ڪيئي ملان مولوي ، پنڊت مارن جک،
اوري آءُ الک، ڏيئو ٿي توکي ڏسان.

تنھنجي پير ڇھان، ڏرتي منھنجي مائڙي،
ياڪر پايان ياوَ مان، ماڻھوءَ ماڻھوءَ سان،
آءٌ نہ ٻيو ڄاڻان، مذھب منھنجو ماڻھپو.

مذھب منھنجو ماڻھپو، دين ڌرم سڀ ڌوڙ
پرڪي ڳالھ پروڙ، او ڪاٺيارا ڪوڙ جا.

پرينءَ کي پھچاءِ او ڪانگا منھنجون ماڻڪيون،
جنھن جي سونھن سواءِ، ڏسان تہ ڏوھي ٿيان.

مالھا ! نہ مرجھاءِ، آيو کي آيو پرين،
ھنيو منھنجو ھاءِ، ڪنھن کي پائي ڪيتڪي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

سپنن ساڻ سجاءِ جهروڪا تون جيءَ جا،
سونيون ڪڙيون ڪوٺ جون، پيرن منجھ نہ پاءِ،
گھورِي! نہ گھيراءِ ويجها آهن واهرو.

ڪانئر ڳولي ڪالھہ، سياڻو سرويچ جو،
ماضيءَ ۾ مرڻينگ ٿي، ڍونڍيندو آ ڍال،
وڏُ وڏُ ، جيئين شال، مُڙي ڏس نہ ماڳ ڪي.

ٻُوجھ وڏايا ٻوجهَہ، سرتيون منهنجي ساھ جا،
ڪڏهن راتيون روجھ، ڪڏهن هاڻي هانوَ تي.

ڌَنَ سارَي جِي آهي جَي، ڌرتي ڌياڻي،
پوءِ بہ پنهنجي جندڙي ڪنهن ڪنهن چو ماڻي؟
ڪنهن ڪنهن جو سنسار ۾ سُک چو آ ساڻِي؟
آخر چا چاڻِي جوڙيئہ جوڙ جهان جي!

وڏو نانءُ الله جو، پر جي ڪجي ڪَٿ،
ان ڪان وڏي وَٿ، ٻاجهارا هي ٻاجهري.

ڍوڍي جهڙي ڍال ، سرتيون ڪائي ساهه جي!
جوڙيا خام خيال، ماڻهوءَ مورک ڪيترا.

ٻچڙي ٻُک ٻلا، ديوانا دانا ڪيا،
اڄ داتا جي دان جي، ڪنهن کي ڪاڻ نہ ڪا،
گوليءَ سان گهربا ، ڪٽا پنهنجي ڪيچ جا.

اوير سارو آڳ، ڄَرَ وچڙي نڪتيون ڇپيون،
ڌرتي! تنهنجي ڏانهن سان، جرڪي منهنجي جاڳ،
اڄ رَتُ - ورنا راڳ، ارپيان تو توکي امڙ.

هيءَ رتُ - ورني رات، سڏڪا ڪيئي سانت ۾،
ساري رين صليب تي، بيٺي نہ برسات،
ڏس ڏس مونکي ڏات ڪوڪا هنيا ڪارڻي!

اڄان سچ سماج، سمجهي ڏاڍي دير سان،
اڄان توتي تاج ڪانئر رکي ڪنڌِ جو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪاڏيءَ هيٺان هٿ، پرون ڪٿيون پونءِ تي،
گهوڙا ويا گهائجي، رڻ ۾ روڪي رَت،
هيٺان سارا سَتَ، مٿان ڪڙ ڪڙ ڪانوَ جي.

سرٽيون سريءَ ڪاڻ، لٽيون لامارا ڏئي،
ڪونڌر هيءَ ڪٿار آچونءِ هٽين تو هاڻِ؟
رڻ ۾ رتوچاڻ، چا ڪان ٽئين چيگرا.

سج لٿو تي، لاش جا ، نوڙيل هيا نيڻ،
ڪيئن ورائي ويڻ، ڪهڙو منهن مٿي ڪري.

برسيا مٿي بم، دونهين سان دانهون اٿيون،
ڏاري ويا ڏيهه ڪي چيري ويا چم،
اڙي او آدم، هيا، هي چا تو ڪرين!

ناگاساڪي ناهِ ، آهي تنهنجي آرسي،
سانپي جا تو ساهه ۾ پنيت تي سا باهه،
سياٽو تي ساچاهه، اچا ويل وئي نه آهه!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

جهر مر سارو جهانُ، ڪينءَ پسائي ڪوڪلي،
ڪڏهن ڪاٽيارو نہ هو اڄ جهڙو انسان،
نہ ڄاڻان نادان، ڪڏهن سمهندو سُک سان.

در در گهري دان، پالهو آندو پاند مون،
ڪجھ بہ نہ چاهيو مون ڏسي سيڪجھ جو شمشان،
هاٽي هان حيران، ڪهڙي منهن توکان مڱان.

آندي مون اڌ رات، ڪنٽو ٿاهي ڪيتڪي،
هارِي پنهنجو هينئڙو، مجي پنهنجي مات،
نوڙي منهنجي ڏات، متان پير پري ڪرين!

مڙهيون پوتيون من، ٽاڪُرَ ڪاڙيون ٽوڪريون،
ڪينياتا ڪيڏوٽا، پسي ٽيا پَرَ سنَ،
دور ٽيا درسن، ڪاڪِ پلايا ڪاپڙي.

ان جي گود سواءِ ، آٿت ناهہ اتامرا،
لوليون ڏئي تولاءِ، آيل آد جڳاد جي.

چانئي آهي چانوَ، ڪائي ڪوءِ ڪلال جي،
گهاتي ماتي مت ۾ پرسان تڏا ٿانوَ،
ڪوري ـ ڪاٽا هانوَ، آءُ تہ ٿانئينڪو ٿئين.

او ڪنهن جي سرهاڻ، ڪامهہ آندي ڪانڌيو،
ترسو ترسو هاڻِ، آءٌ نہ هلندي هوت ريءَ.

اوهيري ڪئي اوڪ، تنهنجو جيءُ جهري پيو،
لک نہ پئي لوڪ، تاڙا ! تنهنجي تانگهہ جي.

ايري اُلري آءُ، ٻڃي واڳهہ وجود تي،
ساري سرت سماءُ، جهونجهاڙي وچ جيءَ مان.

پٽر ۾ پيهي ، گهڙيم تنهنجيءَ گهُور کي،
پرين پرڏيهي، ويجهو آن ، وجود کان.

مان ريکون تون رنگ، مايا ساريون مورتون،
تنهنجو منهنجو سنگ، آهي آد جڳاد کان.

**WEBSITE: www.sascitysukkur.com**
**E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com**

مان ٻونديءَ جي ڍارَ سڙهه سان چنڊ چري پيو،
تڪ سان وهندي تارَ ڪٽ آهي منهنجو ڪنڌي.

پورنما پرڇيهه، نؤڪا تڏي نير تي،
ساريو مون ساٽيهه، ڀنيءَ ۾ پڻ جهڻ ڪري.

آڌيءَ رات اُلير ڏني، چنڊ چڪور ڏي،
پرجهي پرجهي پير، ڪيسين ڪٽندين ڪارٽي.

مارڳ دور مهل، وهامي تي وائڙا!
ڪيئن چونه ڪهل، پاندي پنهنجو پاڻ تي؟

سانجهيءَ وڳو سنڪُ، پنڌ نه پنو ياتري،
پيرو ڏاهي پنڪُ، اڌري ويندو اوچتو.

تون ڪاندي تون ڪنڌ، تون ئي سانگ صليب جو،
تون ئي منهنجو پنڌ، تون ئي تو مونڏي اچين.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪنهن هيءَ اٽي اک مان،
جنهنجي پويان موهجي،
نڪي واٽ سنئين، نہ ڪي ساٿي سچ جا.

تون ئي منهنجي لوچ آن، تون ئي منهنجي سوچ،
پانهيءَ لاءِ پروچ، ڪارون ڪرين ڪيچ مان.

ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي چاڻ سڃاڻ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون ، جن ۾ نينهن نياڻ،
ڇڪجي پنهنجو پاڻ، جڙجي وڃن جيءَ ۾.

ڪامهه وانگر ڪير؟ آيو آهي اوچتو،
پٽ تي جنهن جو پير، جهڙي باک بسنت جي.

پرينءَ جي پهراڻ ۾ ڪٿوريءَ خوشبو،
جڏهن اچي جُوءِ واسَي وڃي واس سان.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪنهن جي ريجھ رهاڻ، ڪنهن جي ڳالھ ڳراٽڙي،
گيت پري آهي گودڙي، جڻ تہ ڪويتا ڪاڻ،
سوچي ڳول سڄاڻ، وانجهي ناهيان وٿ ڪان.

اڄان اوري آءُ، سُري منهنجي ساھ ۾
رچي منهنجي راڳ ۾ سرتي تنهنجو ساھ،
مئي پڇاڙءُ گيتن ۾ گڏجي رهون.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# دوها

پير ڪڙين ۾ چنگ چپن تي، مڌ ۾ آلو ويس،
چاهين چا تو، چارڻ؟ توکي چريو چوي تو ديس.

هاءِ اجاريون، اسرونديون وک وک تي وهلور،
منهنجون اکڙيون هيٺيون هرٽيون، ڏسن اپ ۾ ڏور.

اڏرو منهنجا گيت - پکيئڙؤ، وجو وهائوءَ واٽ،
دور ڏڏڙ ڪان هن ڏرتيءَ جي ، ڇهو ڪَتيءَ جي چاٽ.

او مڌماتا ورڏاتا! تو لکيو هيو هي ليک،
منهنجي سپنن جي امرت کي آهي وهه جو ڏيک.

هن چاتيءَ جي ڇِهَ ڇهَ ۾ آ ڪو اٹکٽ امرت،
گهايو مونکي گهايو، پيئو پيئو منهنجو رَتُ.

گياني! تنهنجي گيان - چڪيءَ مان لهندي منهنجي اُڃ؟
منهنجو من آ مانسرور، تانگها تنهنجا پُڃ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

گهڙي گهڙي گلدان، انهيءَ ۾ رنگبرنگي پاپَ،
پونر پونر تي اڏريا جن مان، اڄ منهنجا آلاپَ.

آهي پراڻو پاپي هي من، چندرما جو چور،
هيءَ لُتي جيون جي جڳ جڳ مڳ، ڪي نند آ گهُور.

هيءَ چاندوڪي، هي پيتل من، هي سيتل آڪاس،
امرت - رس تي ويو آهي چڙ تنهنجومنهنجو ماسُ.

تنهنجو سندر روپ، انهيءَ تي چوڏهينءَ چند چٽاءُ،
منهنجي من ۾ ڪيپُ، نديءَ جو هيج - هندورو، واءُ.

آهي ڳچيءَ ۾ منهنجي، گوري، تنهنجي گوري ٻانهن،
نند پئي آ چاندوڪيءَ ۾ ، منهنجي من جي دانهن.

جيئنداسين ته ائين ئي رهندو سندرتا جو سنگ،
پنهنجي منهن تان مور نه لهندو، مڌُ جو ريٽو رنگ.

**WEBSITE:** www.sascitysukkur.com
**E-MAIL :** abdullateefansari@yahoo.com

جيئنداسين تہ ائين ئي رهندو هي من مست مگن،
مڌ جي جوت سدائين جلندي، پرندو پيو جيون.

ساڳي پورنماسي آهي، ساڳيو آهي آڪاس،
هاڻي چونہ ٿئي تو پيدا ڪوئي ڪاليداس!

دکياريءَ کي دان نہ ڏيندين؟ سڻندو رهندين سئن،
ڪيسين مونکان ڇپندو رهندين، منهنجي چت جي چئن.

پاڻيءَ ۾ پاريهر وهنجي، ڪنڌڙي پنهنجي ڪينءَ،
ان کي ڏسندي منهنجي من جي مونجھ لهي وئي ڪيئن.

وڻ وڻ کي مون ياڪُر پائي، چيو تہ " منهنجا ياءُ!
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پن پن جو پڙلاءُ.

برکا رُت جي باک - ڦٽيءَ ۾ هيءَ اکريءَ جي اوٺ،
ڪير سَتي ٿي ان ۾ من جي گھري گھري چوٽ؟

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

اي ڏورانهان ڏسڪي توڏي ڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٽان!
ويجهو مون کي ڪونہ وٽي ۽ مان ويجهي کي ڪونہ وٽان.

# گيٽ

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

تون جي ايندين رات، الا او رات،
تہ منهنجي رات امر ٿي ويندي!

تون جي ايندين ميت، تہ هيءَ سنگيت امر ٿي ويندي،
مون ٻاري جا جوت، انهيءَ جي جيت امر ٿي ويندي؛

جي ڪاڏم مات ، الا او مات،
تہ منهنجي مات امر ٿي ويندي.

تون جي ايندين ڍول، تہ ٻهہ ٻهہ ٻرندا منهنجا ٻول،
جهر جهر جرڪي پوندا جن ۾ منهنجا روح - رتول؛

وائي آئي وات، الا او وات،
تہ منهنجي لات امر ٿي ويندي!

تن من تنهنجي پيٺ، نڇاور توتي منهنجا راڳ،
مان آهيان تنهنجي آهوتي، تون آن منهنجي آ ڳ،

توکي ڏسندي ڏات، الا او ڏات،
تہ منهنجي ڏات امر ٿي ويندي!

تون جي ايندي رات، الا او رات،
تہ منهنجي رات امر ٿي ويندي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ترِ مِ ڪِهڙا تاڪ،
تڪن جا
ترِ مِ ڪِهڙا تاڪ!

واري ساري واٽ،
نہ ڪائي چانو نہ ڪائي ڇاٽ،
متان آ تاڪ:
تڪن جا
تا مِ ڪِهڙا تاڪ!

ڀنيءَ نہ تن لئہ ڀونءِ،
تتيءَ تي پير پچي ٿيا پونِ،
چڪن تا چاڪ:
تڪن جا
تا مِ ڪِهڙا تاڪ!

لتي نہ تہ جي اڃ،
وراٽي ڪيرہ سموري سُڃ،
وڃن تا واڪ،
تڪن جا
تا مِ ڪِهڙا تاڪ!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

مليو نہ تن کي ماڳ،
انهن جو ٻُلي ٻُلي پيو پاڳ،
ڪلي ٿي خاڪ:
ٿڪن جا
ٿا ۾ کھڙا ٿاڪ!

هيا هيا هيا، او......
دور وڃي تي نيا،
هيا هيا هيا!

ڪهڙي گهاٽ لڳي هيءَ نؤڪا، ڪٿي ڪٿي جيون،
چڪي پيو اڄ من کي سپني جهرو سندر - بن؛

هيا هيا هيا، او .........
دور وڃي تي نيا او .......

چانڊوڪيءَ ۾ چڙهندي پدما، تڪ سان وهندي تار،
لڙهندي لڙهندي پنهنجي نؤڪا، پهچي ويندي پار،

هيا هيا هيا، او .........
دور وڃي تي نيا او .......

بن مانجهيءَ منجهدار مٿان هيءَ نؤڪا ويندي دور،
ڪنهن ڏورانهين ڏيهه اسان کي چڪي پرينءَ جو پور،

هيا هيا هيا، او .........
دور وڃي تي نيا او .......

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ساڱي بن ۾ مرگهه ٻه موهي، ساڱي ۾ سؤ واڳهه
سک جي سيج ٻه ساڳيو جيون، ساڳيو ڏک جي ڏاگهه

هيا هيا هيا، او ........
دور وڃي تي نيا او .......

پنهنجو جيون آهي پيارا، جل - ڌارا تي جوت،
منڙي منڙي ننڊ اسان لئه ٻڄي ايندو موت؛

هيا هيا هيا، او ........
دور وڃي تي نيا او .......

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# بنگالي گيت

چنڊ جڏهن جهرڪي ۾ وهنجي، ڪنول ڪنول شرمائي،
سانت، ڪنواري ڪنيا، منهنجي هردي کي هرڪائي،
منهنجي من مان ڪوئي مراري بن بن بين وڄائي:
نيل ـ گگن جون ڪيئي گوپيون،
جن سان راس رچائي.
منڊ جڏهن منهنجو من موهي، جڳ ـ سندرتا گهائي،
دور نکٽ مان نڪري ڪوئي نير مٿان لهرائي.
مان پڪڙيان، هو پرڙا کولي، اڏري پاڻُ بچائي:
ڪوئي پيد نہ پائي هن جو،
ڪوئي پيد نہ پائي !

جر جي ڄر ڪنهن ڄاتي ڪانه،
لڙڪ اگهياسين لڪي لڪي،

چانئٺ تي چاندوڪي آهي،
ها، پر من جي چِن ۾ ڇاهي:

ڪنهن به ته پاتي ڄهاتي ڪانه،
ڪل آئي ته به ڦڪي ڦڪي.

ساڳيو انبر ، ساڳي ڌرتي،
ساڳي آهي سڳنڌ انهيءَ جي،

آهي جا مڌ ـ ماتي ڪانه،
جنهن کي ساريان سڪي سڪي.

پريت به مايا ، روپ به مايا،
سار انهيءَ جي لهندي ڇايا،

جنهن آهي حياتي ڪانه
جنهن جي جوتي جهڪي جهڪي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

من نگريءَ جي ڳلي ڳلي،
تنهنجي گهر سان وچي ملي.
رمتي جوڳيءَ بين ڪنئي،
در در پتڪي سئن هنئي،
مليو نہ من کي دان دلي.
تو در موتي وري وري،
اڄ هن جيون - جهول پري:
ڳوڙها ڳاڙهي ڪلي ڪلي!
من - نگريءَ جي ڳلي ڳلي،
تنهنجي گهر سان وچي ملي.

سڻ هيءَ پيڙ پراڻي ووءِ

آرتي اوت اکين ۾ جنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل،
ڪانهن ڪماڻا، ڀينگ ٽيا سب پنهنجا ڀاڻا ووءِ
وستي ساري ويڻ، اسان جنهنج ۾ ويڳاڻا، ووءِ
ڇاتي پنهنجي ڇاڻي ووءِ.

جنهن ۾ ڏڪڙا رهجي ويندا، ڇڻندا رهندا پل،
هو رانجهوءَ سان رمتيون راتيون، هو ساجن جو سنگ،
هير سسئي وئي جنهنجي ڪارڻ سک جي سيج پلنگ:
آڌيءَ رات اڌاڻي، ووءِ

پهتي پهتي پار پرينءَ ڏي، ريتي رنگ - محل.
ور سا ڇائي، جنهن جو ڏڪڙو سمجهي پيءُ نه ماءُ،
جنهن جي من جي مام نه ڇاڻي، پر ۾ بيهي پاءُ:
صورت حيرت هاڻي ووءِ.

منهن تي ناهِ مساگ، ته تنهن کي اک ۾ ريک ڪجل،
روز پڪاري توکي پنهنجي من موهن جو پيار،
جيون! توتي ڪهڙي سپني ڪيو آ ڪاري وار
ڏيندا وڌ وراڻي ووءِ

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

گهاوَ گهاوَ ۾ گونج انهيءَ جي، جنهن جي چوٽ اجهل.
سڻ هيءَ پيڙ پراڻي ووءِ

ارتي اوت اکين ۾ جنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل.

## (فريد جي ملتاني ڪافيءَ جو آزاد ترجمو)

# غزل

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

پويون پهر ۽ جدائيءَ جاڳ۽
اڀ ۾ چندرما جي آڳ

آس - اسونهان رڻ ۾ رات۽
گهايل گهوڙا ۽ ٻيوس واڳ

جهاڳي آئي جيون - ناوَ
ڪيئي ڪارونڀار اجهاڳ

ڦِهتا نيٽ ڪلالن ڪوءِ۽
ڦِٽڪي ڦِٽڪي منهنجا ڦاڳ

تنهنجي ماندي ٻاندي آءٌ
امرت اوت مئيءِ جا ماڳ

ولهه ۾ وينا چيڙ اياز۽
ڦِنيٽ ٻٽبا تنهنجا راڳ

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

موتئي جون مالهائون، منڍ
من ـ مندر جي چانئٺ شام.

سانوڻ جي مڏ ـ ماتي رات،
اُپ ۾ ڪيئي جلندا جام

چنگ چڙا چاندوڪي چيٽ
سهٽيءَ سير ، مرڻ مي مام

منُ راڌا جي روپ نہ آهہ،
تون تہ اهو ئي آهين شيام

اُلري آءُ ورهہ جا واڳهہ،
من جي بن تي چانئين شام

پاهر رنگا رنگ شفق،
پيري ۾ پنڇيءَ جي شام

چؤڌاري سڄ ـ ورني ريت،
پنهنجا واريءَ تي وسرام

ساڳيو سامي ڪاپڙيو،
جنهن جا گيڙو گيت سڻيام

جنهن جون وايون مينهن ڦڙيون،
جنهن جا سر ساوڻ جي شام

شِو جو سيس ، نہ ۔ ٺهندڙ نانگ
توهہ آيا ڪيئي ڪلام

جنم جنم جي جيت اياز،
شاهہ، سچل ، سامي ڪجهہ نام.

ڪھڙي ڪاريھر جو ڏنگ،
چورائي آيو آ چنگ

پي پي آيو سج سروپ،
ڪوئي اڏوتي اڙينگ

من جو ڪارونيار ڪنديون،
سرتي تنھنجو منھنجو سنگ

اڄ جو ڪائي بوند پئي،
جيون تي ويو سُر سارنگ

هاءِ ڪتي هوءَ سير مئي،
جنھن جي لاءِ رڙي تو ڪنگ

ان جي لوئي لاک - رتي،
مرندي منڌ ، شفق جو رنگ

سانجھيءَ مانجھيءَ ٻيٺ ، ٻگھا،
پر تي آگ متان آونگ.

سري نہ پنھنجي سير سواءِ
ساموندڊيءَ جو ڪنھن سان سنگ

ھاٺي ڇاڻي ڪير اياز
کھڙيءَ ڪوڪ ڪڪوريو ڇنگ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

نانگا　مينهوڳيءَ　۾　مڇ
ڪاري　نانگڻ　جهڙي　رات!

مسجد　مندر　سيڪجهه　رک
جرڪي تي هيءَ ڪنهن جي ذات

واهيري　جي　وير　هڳاءُ
آڪيري　کي　اوڏي　لات

برکا　رُت　جي　ڏنڌلي　باک
نيڻ　ندوريءَ　جا　برسات

قيدي　چيتي　جهڙو　ڏينهن
زخمي　هرڻيءَ　جهڙي　رات.

سنڌي　شاعر　باسي　بيک
اردوءَ　جي　اڏ　-　جوتي　ڏات.

مذهب　جي　مرڻينگ　ڪيا
ساڳيا　ڪوڙ　ڪهاڙا　ڪات.

سنڌڙي　تنهنجو　ساهه　اياز
مري　نه　ٽيڙو　آهي　مات.

سچ پنچي يا پنچيءَ جو،
وهندڙ پاڻيءَ تي پاڇو،

آيو آهين ڏينهن لئي،
مڏ پي تڙندو تاپڙندو.

ڪاري ڪٽڇيءَ جهڙي رات،
پريت اسان جي آ پڇرو.

وڻ وڻ تي ڪوماڻا ڪانو،
بن بن ۾ پڙلاءُ نہ ڪو.

ههڙي سانت سرءُ جو واءَ،
چو نہ پري آ پيالي تو؟

تن جي تؤنس سوا پي ميت،
ڪوئي ماڻهو ماڻهوءَ جو!

ڪير تتيءَ جا تاوَ سهي،
چن ۾ آهي چانوررڙو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

او مذ ماتا ميت ڪوي!
آئين امرت اوتيندو.

پل پل وهه جي آهي وٿي،
مک مک ۾ آ زهر پريو

پهتو تو وٽ چو نہ اُلاءُ،
جوالا جيون جو ڦاٿو.

چنڊُ تہ ملندو ڪونہ چڪور،
آءُ جهٽي ڪوئي ٿاندو.

پنهنجي سياست باد - فرنگ،
ڪوڙهيءَ پوڙهيءَ رنديءَ جو.

مذهب پنهنجو پاڻ مکي،
چوراهي تي آ چڪلو؛

ڪِهڙي ڪاڪ اڙي ڪاڻا،
هي آ مومل جو ڪوٽو.

اڄ ڪائي گجگوڙ نہ آهي،
سارو بن آ سانتيڪو.

شينهن مري ويا باقي چاڻ،
هي پنهنجا پنجوڙ ڪٽو.

شايد ويهي چَپُ ماري،
اڳتي ڪوئي آهيڙيو!

رهي نہ ڪائي چال چُپي،
ساري بن کي باهہ ڏيو.

سنڌڙي تنهنجي سيند ڏسي،
رات پٽائي گهوٽ رُنو.

منهنجي من جي مٽيءَ ۾،
ڏاڙهونءَ جهڙو ڏنب ڦٽو.

هينئون گهايل هرڻيءَ جيئن،
سامهون سارو وارياسو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

وڏوا جو مڙهه آهي ادب،
اڄڪلهه سنڌي ٻوليءَ جو،

ويندو نيٺ وسامي هاءِ،
ٽمڪي ٽمڪي ڪو ڏيئو.

ڪيسين جلندي رهندي جوت،
ويري جنهن جو واچوڙو.

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڌهن،
ماروئڙو او ماروئڙو!

ٻولي گولي ناهي اياز،
ان جو وس فقط واڪو.

او مڌ ماتا هوريان هل،
منزل آهي هر هڪ پل.

منهنجي منهن تي تنهنجا هٿ،
ٽڙندو آهي جيئن ڪنول.

تياڳ وياءِ ويراڳ وياءِ
هئہ هئہ چوري تنهنجو چُل!

جنهن جيون ۾ مومل ناهين،
تنهنجو ڪهڙو ڪاڪ محل.

سانجهيءَ ٽاٽي پيءُ سَرو،
تنهنجو ويري تئي وياڪل.

ڪنهن جي ناهه هيءَ سراءِ،
رات گذاريئہ هاٽي هلُ.

ان تي مڌ جو مينهن وساءِ،
ٽڙندو ٽانگڙ جئن پل پل.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

اڏري ڪائي لات ڪيان،
ڪيسين روڪيندو ان - جل.

تاڙي مار نہ جي آيو،
تنهنجي ماڙيءَ تي طوطل.

تنهن جيون کي آڳ لڳاءِ،
جنهن ۾ ناهہ ڪرم جو ڦل.

ڪيچ هجي ڪيڏو بہ پري،
آريءَ پٺتان آءٌ اٽل.

تر ۾ ٿانئينڪو نہ ٿيو،
ڪوئي ڪوئي ڪارايل.

آخر ڪارونيار ڪري،
برسي تو بُٺَ تي بادل.

هي واريءَ تي وڏ ڦڙو،
هي سانوڻ جو سُرمندل.

اي ڪويل! هي نند ڦٽو،
تو جهڙو ڪو ڪوڪ ڪٽل.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

پهڳڻ پولي تنهنجي لاءِ
منهنجي ڪوتا آهي ڪجل.

سنڌڙيءَ کي سيباءِ اياز
پنهنجو گيڙو ويس غزل.

آڌيءَ رات يليءَ جي ياڻ،
ٿي اڄ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ.

اوهيري جي اوڪ ته ڏس،
سياڻو ٿيءُ صراحي آڻ.

ڏي جنت مان جام پري،
ٻيءَ دنيا جي ڪنهن کي ڪاڻ!

منهنجي چائنٺ تي خيام،
روميءَ سان ڪئي روح رهاڻ.

اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ،
جيڪي آهي هتي آ هاڻ.

رات ملي وينجهر جي ڏيءَ.
جنهن جون اکڙيون هيري ڪاڻ:

جنهن جو مندر روپ سرير،
ٺاهيو آهي ڪنهن پوڄا ڪاڻ:

ڪارو ساگر جنهن جو روح،
جنهن جو جسم چٽي چانڊاڻ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

اونهي جي بي انت صدا،
توکي ڪوٺي، ترهو تاڻ.

ٽڙندي ٽانگر آهي پيار،
جنهن سان ساسيءَ ۾ سرهاڻ.

پيو سڀ پاڇي جو پيچو،
جاني آهي جواني ماڻ.

باغي شاعر شيخ اياز،
آيو ڪيئن پٽائيءَ پاڻ!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪوئي انتيءَ جو امڪان،
سڏ پڙاڏو پئي حيران.

ترقي تي تهذيب اڃان،
ڪيڏو وحشي آ انسان.

ساڳيا پاپيءَ جا پنجوڙ،
هيٺو اڳ جهڙو حيران.

ساڳيءَ سوريءَ تي منصور،
ساڳيو سرمد تي بهتان.

ساڳي گانڌيءَ لئہ گولي،
ساڳيو لال لهوءَ سان گيان.

ساڳي چارڻ جي چڪيا،
ساڳيو شاعر جو شمشان.

اڄ بہ ذات مصور جي،
رت ۾ ٻوڙي ڪائي نانُ.

جاري ساري جنگ جدل،
عاري ساڳيو امن امان.

اڄ بہ ويڙهہ نہ تي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران.

ڪنهن ماتا هي ممتا مُئي،
ڪنهن نينگر جو نڪتو پران.

ناگاساڪي ڪافي ناهہ،
سيڪجهہ ناس ڪندو نادان.

ميخاني ۾ پيو نہ پتو،
ٻاهر رات هيو طوفان.

هاريو مئہ جو جام اياز،
ساڳيو نہ رهيو هي انسان.

اڇتو آهين جي تون، آءُ
ڪيسين سنديان مان سوداءُ.

ڪنهن تي ڇاتو اي انسان،
توکي کهندو تنهنجو ياءُ.

جيون پوءِ بہ ڪري تو چوند،
توڙي ڏي تو موت چتاءُ.

اندر سيخون ڪوٽ ڪڙا،
ٻاهر ڪونجون، هير - هڳاءُ.

اونهاري جي اوجل باک،
آءُ اڱڻ ۾ منهنجي آءُ.

او زندان جي ڪاري ولهه!
تو ۾ آهيان آءُ الاءِ.

وڃ وڃ موتي وڃ وڃ ويڃ،
گهايل ڇاٽي منهنجو گهاءُ.

مون کي ڪوئي ڪونہ پلي،
پيار نہ ڇاٽي تو پڇتاءُ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

او منهنجا محبوب وطن،
توسان ساڳيو لونءُ لڳاءُ

هي منهنجو مظلوم قلم،
سوچيو ناهه جنهن سرچاءُ.

رتُ ۾ لت پت پنهنجو موت،
ڇاڻان تو پر منهنجي ماءُ.

منهنجي من ۾ آ منصور،
سوري جنهن جو جيءَ جڙاءُ.

سوچي قاتل جو قاتل،
آيو قتل تي ڪهڪاءُ.

پر جي ڪوئي نانگ هجي،
تنهن کان ڪهڙو آهي بچاءُ.

سُر جي بدلي ڏيين تو سونُ،
پو ٻي تو وٺ ناهه وڪاءُ.

او وڻجارا وائيءَ جا،
من جو موتي ڪهڙو ڀاءُ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

گھايل من جا گھايل گيتَ،
جن ۾ پيڙا جو پڙلاءُ.

جن ۾ ڏرتيءَ ڏرتيءَ ڏکُ،
جن ۾ ماڻھوءَ ماڻھوءَ گھاءُ.

ينيت ٻٽبا نيت اياز،
جڳ جڳ جلنداِ منھنجا ياءُ.

# وايون

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

پونءِ نہ آئي پانءِ الا مان اڏري ويندوسانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

مونسان جاڙ نہ ڪر اي جيڏا، سچ ٿو آءٌ چوانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ
نيٺ تہ پائيندي تون ، هاڻي پلي نہ مونکي پانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

رهندي جيون جي جهرڻي ۾ هن جندڙيءَ جي جهانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

ڳائي منهنجا گيت پيو پوءِ ، مونکي ياد ڪجانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

توهه مون ۾ پيد نہ ڪوئي ، اڙي نديءَ جا نير
اڙي نديءَ جا نير

مان پڻ آهيان ، ڪائي جڳ جي سندرتا جي سير
اڙي نديءَ جا نير

منھنجي من ۾ چندرما جي آڌيءَ رات اڪير
اڙي نديءَ جا نير

منھنجي تن ۾ تات ائين جيئن گھلي ڏکڻ جي هير
اڙي نديءَ جا نير

توکي مونکي راس نہ آئيا هن ڌرتيءَ جا ڌير
اڙي نديءَ جا نير
اڙي نديءَ جا نير

ڪاري رات ڪَتيءَ جو پاڇو، ڪيئي نيڻ نياڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

جر ۾ جھرمر ، گھرو ، ڪارو، پاڻيءَ جو پھراڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

منھنجي من ڪي موھي ويو ھي مندر بنا مانداڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

ڪوئي ناھ سجاڳ سڪي ڙي ڪوئي ناھي سڄاڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

پنتي موڙ مهاڙ الو ميان،
پنتي موڙ مهاڙ!

چو تون اورانگهي آيو آن، سانگيئڙن جي سار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

ڪهڙيءَ سوچ ستيا هيئن لاهي، چت تان چندن - هار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

سرهي سيج ڇڏي تون نڪتين، ويڙهي ڪي ويچار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

ڪهڙي اٽڻ ڪي اربي تو، تن جي تات تنوار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

ڪهڙي مارگ موهي آهي، تنهنجي نيڻ نهار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

اڳتي لڪ لڪ لڳ ڪانداري، وڪ وڪ ويريءَ وار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

چونہ چپر ۾ تون تو گهارين، ڪنهن ڍولئي جي ڍار
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

سرچي جي سنسار نہ تو، تون جيءُ نہ وجهہ جنجار
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪيچ وڃين ڪنهن ڪاڻ، پنهل تون موتي آءُ،
پنهل تون موٽي آءُ،

متي رات نہ رهندي ، رانول! جيون مايا ماڻ.
پنهل تون موٽي آءُ،

ٻيهر هي ٻنيور نہ ملندئي، آءُ ٻليءَ جي ٻاڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،

هيءَ چاتي جا آتي آهي، تير انهيءَ تي تاڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،

هي جڳ هو جڳ مونسان جرڪي، مان تنهنجي چانداڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،
پنهل تون موٽي آءُ،

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

روز وڪاڻي ، هاءِ نماڻي ، وينگس وچ بازار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

ڪپڙا رنگبرنگي جنهن جا ، چپڙا چاشنيدار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

منهن منهن آ مومل مي ماڙي، اُرهه اُرهه اسرار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

هر ڪنهن ڪاڻي ڪي راڻي جو روپ ڏنو ڪلدار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

ڪنهن جي واچ ڪتوري ورچي، هانوَ ڏني هيڪار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

وهيءَ وهيءَ جي وڪري پرکي، ورهه ڪيا واپار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

ممتا ماريءَ ماءُ ستي هئي، جائيءَ لاءِ چمار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

ڪنهن چاتو ٽي وقت ڪندو هيئن، لوليءَ ٽي للڪار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

جوڙيو آ، جنسار ٻہ چاچا سپ جي پالٿهار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

چيت ڪري جي چڪجي ، ڪانهي ڪابہ ڪڙائي يار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

چارڻ چوري چنگ انهيءَ ٽي، ٻول ڪيا ٻلهار
الو ميان ، وينگس وچ بازار!
الو ميان ، وينگس وچ بازار!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

نانگو آهيان نانگو يار!
نانگو آهيان نانگو يار!

پهتو آهيان ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ، چوري پنهنجو چانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

نڪتو آهيان هن نگريءَ ۾لاهي سر جو سانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

من جو ميت مهانگو مون لاءِ سارو ديس سهانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

هلندين يار پرينءَ ڏي مونسان؟ آهي پنڌ اڙانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!
نانگو آهيان نانگو يار!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

هير مئي ، او هير مئي ! ـ ڪير چوير تو هير مئي...!
ڪير چوير تو هير مئي...!

رانجهوءَ ونجهليءَ ڏانهن نهاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ونجهليءَ پنهنجو هانءُ نہ هاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ڏات ڏڪوئيءَ ڏونگر ڏاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ڌرتيءَ ۽ آڪاس پڪاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

پيار نہ مرندو ڪيئن بہ ماريو،
ڪير چوي تو هير مئي...!

ويري وهم جا ٿانو پياريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!
هير مئي او هير مئي! ـ ڪير چوي تو هير مئي...!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

بادل ڙي بادل ڙي ، منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!
گجي گجي گهنگهور گهٽائون ، آڳم ۾ اڀرن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ساوڻ من - ڀانوڻ ۾ سرتيون، ڪلندي ڪيچ وڃن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

رُت آئي رُت ويئي ، جهولي ۾ تا ڏينهن جهلن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

مون ڳهليءَ جيئن ڳولي تي، ڪجهہ پن پن منجهہ پون،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ڀيج ڀني ڀنيور مٿان ، اڄ بوندون ٽيون برسن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ڪهڙي پار پنهونءَ ڪي چاڀو ، آڌيءَ رات اٺن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

هاءِ ولهيءَ ڪي ڪيئن وساريو ، سڄ ۾ سانگيڙن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڪوئي آهي ، ڪوئي آهي! جيڪو سچ چوي؟
جيڪو سچ چوي؟

ڏينهن ڏتي جو هن ڏائڻ تان ، جيڪو گهونگهٽ لاهي،
جيڪو سچ چوي؟

سانگ سياست جا سمجهي، جو ٺاهه ٺڳيءَ جا ڍاهي،
جيڪو سچ چوي؟

اونداهيءَسان جيڪو الجهي، چانڊوڪيءَ کي چاهي،
جيڪو سچ چوي؟

سنڌڙي مونکي سڏ ته ڏي تون چپ چو آهين ، چاهي؟
جيڪو سچ چوي؟

ڪوئي آهي ، ڪوئي آهي ، جيڪو سچ چوي؟
جيڪو سچ چوي؟

سانگيئڙن جي سار نہ چڏم
رات تہ راهي گذري ويندي.

چاجي دوري دل ئي دل ۾ پڪڙي تن جي اوڏا اڏم
رات تہ راهي گذري ويندي.

من ئي من ۾ ماروئڙن کي ، ڪنهن مارگ تي آٽي گڏم
رات تہ راهي گذري ويندي.

ايندي ايندي ، ايندي ساجاھ ايندي تنهنجي سرلي سڏ
رات تہ راهي گذري ويندي.

نيٺ تہ ڪرندا ڪوٽ انهن جا ڪيتي وارا پوندا ڪڏم
رات تہ راهي گذري ويندي.
رات تہ راهي گذري ويندي.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# نئون جمالو

نئين موج تي مھراڻ ۾
هو جمالو!

نئين موج تي مھراڻ ۾
هو جمالو!

جنھن ۾ ليٽ ٻڏا ٻيٽ تي،
هو جمالو!

جنھن جي ڦاٽ ، ٻيڙا گھاٽ تي،
هو جمالو!

جنھن ۾ ٻيڙيون سائينءَ سيڙھيون تي،
هو جمالو!

جن جا پڳھ جڳھ جڳھ تي،
هو جمالو!

جن جا مانجهي تي منجهڌار ۾
هو جمالو!

اهي تري ونديون تار ۾
هو جمالو!

نئين موج تي مهراڻ ۾
هو جمالو!

نئين مون تي مهراڻ ۾
هو جمالو!



# شيخ اياز

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com